سنت ساهتيہ

[سچي زندگيءَ جو ماهوار پتر]

مان تنهنجو آهيان هميشه هميشه!

ٻرپا ڪيل:- شري ڀڳوانداس نندوسنگهه

مان تنهنجو آهيان هميشه هميشه !

[دادا]

گرو نانڪ ڪير هو؟ ڪنهن کي خبر؟ مان فقط ھي ڄاڻي سگهان ٿو ته اُونده ۾ هـي اچي چمڪيو جوت ۾ . ۽ نوع گيت ڳائي اچي دل کي پڪڙيائين . مون کي فقط خبر آهه ته جنهن ڏينهن کان مان هن جو نوڙو نالو اچارڻ لڳس، مان وڌس وڌڻ لڳس، جنهن ٻار وجهي پنهنجي پتا وٽ، پنهنجي ماتا وٽ، مان ڪڏهن نراس نه ٿيس. هميشه ڏيالو! هن جو پيار وهي پيو، جڏهن مان اُسين پنهنجا پيالا پيئون ٿا ۽ پنهنجي گهرجن آهر ڏيون ٿا. پيئون ٿي نه ٿا، ڪڏهن به ٿڪجون نه ٿا. متان ڪو چوي ته گرو نانڪ هن پرٿويءَ تي آيو، تنهن کي چار صديون گذريون ويون ۽ هميشه آهيڻي ڪونه. گرو نانڪ اچا به اسان جي سيڻن ۾ پيو گهمي ۽ پيو اسانکي سکيا ڏئي: پـر اسين ويسر ۾ آهيون.

گروجن بغداد ۾ ويا ۽ بغداد مسان بين ڪيتون

اُٿ جاڳ چوڪيدار!

[دادا]

هن ٻي ڀڳا جي ڪيس ۾ ،
آڻيٺي ڪيٽي ٿو ڪرٽي!
اِ اُنڌيري ڀوڪ ڪري ڪو ناس ،
سميالين جي ڀنڌيري رهڻي!
اُٿ جاڳ چوڪيدار!

دنيا سان رک ڀلي ناتو ،
ڀر نام ، پيارا! نا وسار!
پاڻي پيرن ۾ نيڻهن ڏورا ،
پيش پيالو ۽ پيشار!
اُٿ جاڳ چوڪيدار!

هٿ هٿ ۾ ڪام ڪام ،
ڀر دل جي آندر نام نام!
سڀاڳي ڀوڪ انڌيري سا ،
اچي ڏوري مشڪي مکڙو شيام!
اُٿ جاڳ چوڪيدار!

آنتر جوت جڳايو !

[دادا جشن جو اُپديش]

[١ نومبر ڏياريءَ جو ٻولو ڏينهن آهي.]

ڀارت جي ڪئلينڊر ۾، ڏياريءَ جو ڏينهن، مکيه ۾ مکيه ڏينهن ڪري ليکيو وڃي ٿو. سنسڪرت ۾ اکر آهي ”ديپاولي“. ”ديپاولي“ اکر ٻن اکرن مان ٺهيل آهي:- ديپ + آولي. ”ديپ“ معنيٰ ”روشني“، ”جوت“، ”ڏيئا“. ”آولي“ معنيٰ ”قطار“. ديپاولي آهي اُهو ڏينهن، جنهن ڏينهن ڏيئن جون قطارون گهر ۾ ٻرن ٿيون.

لوڪن کي خبر آهي ته ڪئن شري رام، جنهن جو نالو ڀارت جي روح ۾ اُڪريل آهي، اُن کي سندس پوڄيه پتا، راجا دسرٿ چوي ٿو:- ”مان هينئر ورڌ ٿيو آهيان. منهنجي اوستا وڏي ٿي وئي آهي. مان هاڻي پنهنجو تخت توکي ڏيان ٿو.“

تياريون ٿي وڃن ٿيون، شري رام کي تخت تي

ملڪن ۾. سڄي ڀارت اندر گروءَ جن ڏورا لڳايا.
گروءَ جن ڏٺو ته سڄو ڀارت وڏي ڪرِي پيو آهي ۽ وسو
۾. گروءَ جن پنهنجو پيغام کڻي ويا هرهنڌ لوڪن کي
وڏي جڳائڻ واسطي. لوڪ وچارا ستل هئا. گروءَ جن
جي دل اندر ڪيڏو نه پيار هو ڀائرن ڀينرن واسطي!
جت ويا، اُت گروءَ جن پنهنجو آواز اٿاريو ۽ پڪاريو:-
اُٿو! جاڳو! ننڊ ڦٽايو! ڏسو، ڪيئن توهان جو رکپال
جاڳيو ويٺو توهان ڏي نهاري، توهانجون زنجيرون
ٽوڙي." زنجيرون، گروءَ جن چيائون، آهن خوديءَ جون،
وسو جون. وسو ڇڏيو! وسو ڇڏيو! جاڳو! جاڳو!
۽ سمجهو، توهانجي جيون، زندگيءَ جي ياترا ڇا
آهي؟ اوهانجي ياترا آهي نه، توهين سچ کي پايو.
ڏسو، راس پوري ٿئي ٿي. اُٿو ۽ سڄي پرٿويءَ،
سچ، پريم ۽ ڪرتار جا ڪمل چرن پڪڙيو. اُن کي
چئو:-”سڀ جيڪي اُسان جو، سو تنهنجو آهي.
هي سرير تنهنجو، من تنهنجي، آتما تنهنجي. مان
تنهنجو آهيان هميشه هميشه!"

پاڙيواسي سڀ ڳالهائيندو هو ۽ پنهنجي وچن کي پاڙي
ڏيندو هو. شل اهو وقت وري اچي!

شري رام کي خبر پوي ٿي. پنهنجي پوڄيه پتا
وٽ اچي ٿو. پتا کي چوي ٿو:- "پوڄيه پتا! توهين
ڏک نه ڪريو! توهان مون کي ايوڌيا جو راڄ ڏنو ٿي،
پر هيٺئر توهين مونکي بن جو راڄ ڏئي رهيا آهيو."
ڳالهه وڏي آهه، پر توهان کي اڳيئي پروڙ آهه.
ڪٿن شري رام چوڏهان سال بن ۾ وڃي رهي ٿو.
پنهنجي سرير تي وڻن جا پتا ۽ چوڏا، انهن جا وستر
پهري ٿو. بن جو کاڌو کائي ٿو. بن ۾ ڪيترا راڪاس
رهن ٿا، انهن کي ناس ڪري ٿو. پڇاڙيءَ جو سال
اچي پهتو آهه:- چوڏهون سال. ڪٿن راوڻ اچي ٿو.
سيتا کي پڪڙي وڃي ٿو. ۽ شري رام وانرن جو
لشڪر وٺي لنڪا ۾ وڃي ٿو. راوڻ سان يڌ ڪري
ٿو. دسهڙي جي ڏينهن شري رام لڙائي کٽي ٿو ۽
ان وقت لڙائيءَ جي ميدان مان آواز آئي ٿو:- "نماڻن
جي جئه!" شري رام نماڻو ٿي آيو. نماڻن جي جئه
ٿئي ٿي.

وهاڻ جو ن. اوچتو ئي اوچتو راڻي ڪيڪئي دسرٿ وٽ آئي ٿي. ڪيس چوي ٿي :- " توهان مونکي ٻه ور ڏنا هئا. اهي ور مان هينئر وٺڻ چاهيان ٿي."

دسرٿ چوي ٿو :- " توکي ڇا کپي ؟"

ڪيڪئي چوي ٿي :- " پهريون ور مان هي وٺڻ چاهيان ٿي ته شري رام جي بدران تخت تي منهنجو پٽ ڀرت ويهي ؛ ٻيو ور جو مان وٺڻ چاهيان ٿي، سو هي ته شري رام چوڏهان سال بنواس وڃي."

راجا دسرٿ ٻڌي ٿو. سندس دماغ چڪر ۾ اچي وڃي ٿو. ڪري پوي ٿو. هو ويچارو ڇا ڪري؟ وچن ڏنو هئائين. اُن وچن تان ڪئن ڦري؟ " رگهو ڪل ريت سدا ان آئي، پران جائي پر وچن نه جائي!" رگهو ڪل جي ريت اِها هميشه کان ٿي رهي آهي، پران وڃن، سواس وڃن، پر شل وچن اسين پنهنجو پاڙيون !

ڀارت جي سڀيتا اڳيان اِهو هڪ ويچار هميشه رکيو ويو آهي. هڪ وقت هو، جڏهن هڪ هڪ

جڳائيءِ آهي. "سولو پڙهڻ مدرسو." اُنهن رشين اَچي سيکاريو. هيءُ سولو آهي پڙهڻ جو مدرسو ۽ هڪ هڪ مدرس ۾ پيٺي جوش ٿيو. ان جوش جو اُوهان ديدار ڪيو آهي يا نه؟ اَنتڪال اَچي، اُن کان اڳ ان جوش جو ديدار ڪريو.

هي مانڪ جدم جو وجهه اَسان کي مليو آهي. ڇل اڄو وجهه وڃڻ نه وڃايون! پنهنجو پدارت ڪٺو ڪريون، ضرور ڪريون. لک ڪروڙ ٿاهيون، ضرور ٿاهيون. ڇو ته اَسين جڏهن سنسار ۾ رهون ٿا، تڏهن ۾ پنهنجي جي کوج ڪيڏي نه آهي، پر نه وساريون ته هي مانڪ جدم اَسان کي ان واسطي مليو آهي ته جوش جڳايون. انڪري (١) روز روز سانت جو اَڀياس ڪريون. ٿوري مدت پڇائي روز سانت ۾ ويهون. سانت ۾ ويهي پاڻ کان وري وري هي سوال پڇون:- "مان ڪير آهيان؟ مان ڪٿان آيو آهيان؟ هيءُ پوتوي مهڄو مڪان ڪين آهي. هيءُ پوتوي ته آهي مسافر خانو، جت اَچڻ پيا ۽

هينئر شري رام چوي ٿو:- "مان اَيوڌيا موٽان. چوڏهن سال ٿي ويا آهن. منهنجو پيارو ڀرت اُتي ويٺو آهي. مون کي ڇو هٽائين، پتا جي آڄام موجب تون چوڏهن سال وڃين ٿو. اهي چوڏهن سال مان تنهنجي بدران راڄ ڪندس. پر جي تون هڪ ڏينهن به اَچڻ ۾ دير ڪئي ته مان پنهنجي زندگي خلاص ڪندس. مان توکان سواءِ وڌيڪ جي ڪين سگهندس."

چوڏهن سال پورا ٿيا آهن. هينئر شري رام اَيوڌيا ۾ اَچي ٿو. لوڪن ۾ ڪيڏي نه خوشي! گهر گهر ۾ ڏيئڙا ٻرن ٿا. سڄي اَيوڌيا ڪيئن نه پئي چمڪي!

سال ۾ سال ڏياري اَچي ٿي اِهو هڪ پيغام کڻي:- "جوت جڳايو!" پر اِها جوت، جا اَسان مان هڪ هڪ کي جڳائڻي آهي، انتر جوت آهي. هيءُ ماڻڪ جنم اَسان کي مليو آهي. ان ماڻڪ ديهه جي اَندر جوت آهي. اِها جوت اَسان کي

ڌرم نہ آھي پيار، ڌرم نہ آھي محبت! ايشور ۽ الله
ان ھڪ جا نالا آھن، جو آھي سرشٽي جو ڪل
مالڪ. داتار ۽ رحيم ھڪ آھن. انڪري گرو نانڪ ديو
جن کي ھندو ۽ مسلمان ٻئي پيارا ھئا. ھندو کين
سڏيندا ھئا گرو ۽ مسلمان کين سڏيندا ھئا
پير، اوليا. گرو نانڪ جي دل ۾ ايڪتا جو درشن
ھو. نہ فقط ھندن کي، پر مسلمانن کي گروجن پنھنجو
ڪري سمجھيو. مردانو مسلمان آھي، پر گرو نانڪ
جتي وڃي، اتي مرداني کي پاڻ سان وٺي وڃي ٿو
۽ کيس ڪيڏو نہ پيار ڏئي ٿو.

جڏھن مڪي ڏي گرو نانڪ ديو جن وڃن ٿا،
تڏھن حاجين جي اڇي پوشاڪ پھري وڃن ٿا. مڪي
۾ قاضين پڇين ٿا تہ "ھندو ڌرم بھتر يا اسلام؟"
گروجن چون ٿا تہ "شبہ ڪرم بنا ٻئي ھندو ۽ مسلمان
وڃن ٿا نرڪ ڏي." اھي اکر جيڪو اسين ڌيان ۾
رکون. بغداد ۾ قاضين پڇين ٿا:- "اوھانجو مذھب
ڪھڙو آھي؟" گروجن چون ٿا:- "مون مذھب سب

موٽي ويا. اُن وقت ۾ نظارو عجيب هو! خبر پئجي
وئي ته گروءَ جن پنهنجي ڌام موٽي ڇڏيا. اُن وقت
هندو اچن ٿا، مسلمان اچن ٿا. ٻنهي کي گروءَ جن لاءِ
شردا هئي. هندو ۽ مسلمان ٻئي پنهنجي هٿن ۾ گل
کڻي اچن ٿا. سڀني جي چپن تي آهن هي اکر:- ”نور
خدا کا نانڪ شاه!“ يعني، گرو نانڪ خدا جو
نور هو، خدا جو پاڪ نور. يعني، گرو نانڪ پرڀوءَ
جي روشني هو؛ ڪيترن دلين جو شاه هو. صديون
گذري ويون آهن، پر اڄ ڏينهن تائين گرو نانڪ ديو
جن ڪيترن دلين جا شاه، شهنشاه، سچي پاتشاه
آهن.

گرو نانڪ ديو جن اچي ميلاپ جو پيغام ڏنو، ڇو
ته جنهن زماني ۾ گروءَ جن جو جنم ٿيو، اُن وقت
هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ تڪرار ڪندا هئا. گروءَ جن
اچي آواز اٿاريو ته ڌرم جي نالي ۾ تڪرار نه ڪريو.
ڌرم جي نالي ۾ هڪ ٻئي سان نه وڙهو. ڌرم ته
آهي پيار، ڌرم ته آهي صلح، ڌرم ته آهي شانتي؛

گرو نانڪ ڏهن جي عمر ۾ وڃن ٿا. سندن پتا کين چون ٿا:- "نانڪ، منهنجا ٻالڪ! تنهنجي عمر هينئر وڏي ٿي آهه. وقت آيو آهي، تون ڪنهن ڪم کي لڳين، ڪو ڌنڌو ڪرين. مون توکي اسڪول ۾ موڪليو، پر تنهنجو ڌيان ودّيا ۾ ڪين لڳو. مون توکي ڳانئون، مينهون چارڻ لاءِ ڏنيون، پر تو ڳانئن مينهن جي سنڀال ڪين ڪئي. اهي وڃي ٻين جي کيتن ۾ پيئون، انهن جا کيت ناس ڪيائون؛ ماڻهن اچي مونکي ڏوراپا ڏنا. هينئر تون ڪجهه ڪو ڪم ڪرين، ڪو ڌنڌو ڪرين." سندن پتا گروجن کي ويهه رپيا ڏين ٿا:- "نانڪ، منهنجا ٻالڪ! هي ويهه رپيا تون کڻي وڃ ۽ ڪو ڌنڌو ڪر؛ انهن مان جهجهو فائدو ڪري اچ."

نانڪ وڃي ٿو. اڃا واٽ تي آهي ته هڪ غريبن جي ٽولي کيس ملي ٿي. هي غريب ويچارا بکايل پيا نظر ۾ اچن. انهن غريبن جي سرن تي پورو ڪپڙو به ڪين آهه. گروجن ڇا ٿا ڪن؟ انهن

لڪ ڪيا آهن. سڀني کي فقط خبر آهي ته زمين ۽
آسمان ۾ هڪ ئي پرڀو آهي ۽ هو هنڌ، هر مڪان ۾
سندس جوت پيئي چمڪي." گرو نانڪ ديو جن
سيکاريو ته مذهبن جي مونجهن ۽ وڙائي ۽ اهنڪار جي
واڳاڙن کان پري رهو. ڌرم جي نالي ۾ ڪيترا دفعا
مغروري ٿئي ٿي. ڪيترا مغروريءَ ۾ پوڄي چون :-
"مان وڏو، منهنجو ڌرم وڏو، منهنجو گرو وڏو."
گرو نانڪ ديو جن سيکاريو ٿا ته هڪ ئي جڙس سڀن
آهي. پوءِ گهمنڊ ڇا جو؟ جهڳڙا ۽ تڪرار ڇا جي
واسطي؟

گروجن جو جنم پنجاب جي هڪ ننڍي ڳوٺ
تلونڊيءَ ۾ ٿيو. هن وقت اُن ڳوٺ کي ڪوئين
ننڪاڻا صاحب. ننڍي هوندي کان وٺي نانڪ ڀولو
بالڪ هو. گهٽيون ڪين گهمندو هو. رستن تي ڪين
رلندو هو. پر سانت ۾ پنهنجو وقت گذاريندو هو.
سانت ۾ ويٺو نهاريندو هو. سندس اکين ۾ عجيبن جو
اسرار پيو چمڪندو هو.

سندام سمه ڪرتار! سندام سمه ڪرتار! عجيب
نظارو! اُن پيو توري ـ هڪ سير، ٻه سير، ٽي سير،
چار سير، پنج سير، ڏه سير، يارهان سير، ٻارهان
سير، جڏهن تيرهن سير تي پهچي ٿو، تڏهن سندس
اکين جي رونق ٽري وڃي ٿي. تيرهن کي پنجابيءَ
۾ چوندا آهن:- ”تيرا“. تيرهين سير تي اچي ٿو،
نانڪ پيو پڪاري:- ”تيرا! تيرا! پريو! سڀ ڪجهه
هي تيرا! نا ڪڇ ميرا! مين ڀي تيرا! نانڪ بندا
تيرا!“ پريو! هي سڀ ڪجهه تنهنجو آهي. منهنجو
نه ڪجهه ڪين. سڀ ڪجهه تيرا!“ ”دنيا ڪا
ديوانا ڪهي ملڪ ميرا: آئي موٽ سر پر، نه تيرا
نه ميرا!“

عجيب ليلا موديخاني تي لڳي ٿي. موديخاني
کي ٻه دروازا آهن. هڪ وڏو دروازو، جتان لوڪ
پئسا ڏيئي شيون خريد ڪن ٿا. ٻيو موديخاني کي ٻيو
دروازو پٺ آهي، جتي بيٺا آهن بکايل، غريب، مسڪين.
نانڪ انهن کي چانئيءَ چانئي ٿو. ڪين چوي ٿو:

وڻن ٻوٽن مان اَناج، سيڌو وٺن ٿا. وڻن، ڪپڙو وٺن ٿا. اِنهن غريبن ۾ ورهائين ٿا. جلدي گهر موٽي اچن ٿا. پِتا کي عجب لڳي ٿو. ايتري ۾ ڪٿان موٽي آيو. پُٽ کان پڇي ٿو:- "نانڪ پيارا! خبر ڪر، تون ايتري ۾ موٽي آئين: تو ڏنڌو ڪيو يا نه؟" نانڪ چوي ٿو:- "پِتا جي! مون ني کرا سودا ڪيا. مون سچو سودو ڪيو." ۽ پِتا پڇي ٿو:- "فائدو ڪٿي؟" اُنهن نانڪ چوي ٿو:- "پِتا جي! سچو سودو اهو، جنهن جو فائدو هت ڪين ملي، پر پرلوڪ ۾، پرڀوءَ جي دربار ۾ ملي!"

پِتا پُٽ کي ڪين سمجهي. نيٺ پِتا چوي ٿو ته نانڪ مون سان وڌيڪ نه رهي. پال وڃي سلطانپور ۾ ڀيڻ جي پرڻ نانڪيءَ وٽ رهي. نانڪ سلطانپور ۾ اَچي ٿو. سلطانپور جي نواب جو موديخانو سنڀالي ٿو. اُهو مودي ٿي پيو شيون توري. لوڪ وٽس اَچن ٿا ۽ اَچي ڪانئس ڪڻڪ، چانور ۽ ٻيون شيون وٺن ٿا. جڏهن پيو شيون توري، تڏهن پيو دل اَندر نام اُچاري،

۽ شيوا ٿي سگهي ٿي .

مهاتما گانڌي هڪ چمڪندڙ مثال هو گهڻا ئي اهڙو ٻڌيءَ واري انسان جو، جنهن اڻ ٿڪ ڪوشش ڪئي ته ويچار، وچن ۽ ڪرم ۾ ڪئن ايڪتا اچي. گانڌيءَ جو وشواس هو ته انسان تڏهن واڌارو ڪندو، جڏهن انسان جي اندر ايڪتا ايندي، پنهنجو پاڻ سڃاڻندو .

وري وري مهاتما گانڌيءَ هن سکيا تي زور ڏنو ته ذات پات جا ڀيد وڃڻ کپن ۽ قوم جو نرماڻ تڏهن ٿيندو، جڏهن زندگي سچ ۽ اهنسا ۾ ٻڌل هوندي. وشو ۾ شانتي اچي، ان لاءِ ضروري آهي ته سڀ نئون آرٿڪ ڍانچو ٺهي، جنهنجو بنياد هجي شانتي ۽ نه جنگ. مهاتما گانڌيءَ چاهيو ته راجنيتي ۽ آرٿڪ سنستائون شيوا پاڪ ۾ وڃن ۽ غريبن دکين ۽ مسڪينن ۾ ڀڳوان جون مورتون ڏسي سندن شيوا ڪن.

۴ آڪٽوبر سنت فرانسز جي يادگيري

هن سنت جو اصول هو ”ديا ڌرم ڪا مول هئه!“

"وتو، پيارا! سڀ آهي سائينءَ جو. وٺو، جهڙي توهانکي گهرجي." غريبن کي دان ۾ اَن ميڙو ڏني تو، سندن چرڻن ۾ سر جهڪائي تو، آسيس گهري تو. کين چوي تو:-" توهين ئي پرڀوءَ جا روپ آهيو!"
[هلندڙ]

دادا جشن جا اُپديش

٢ آڪٽوبر مهاتما گانڌي جنم دن

مهاتما گانڌي جڏهن پنهنجي سريرڪ چولي ۾ هو، اُن کان وڌيڪ هن وقت شڪتيشالي آهي. جنهن وقت ويندو گذرندو، تنهن هن سنپرڪ جو روحاني اثر وڌندو وڌندو. مهاتما گانڌيءَ جو زور ڌرم کان مٿي روحانيت تي هو، جو نه ڌرم جي نالي ۾ ڪيترائون جنگيون ۽ رتوڇاڻ ٿي آهي. سندس وشواس هو ته راجنيتيءَ جي بدران شيوا جا مرڪز هئڻ کپن. مهاتما گانڌيءَ وري وري آواز اُٿاريو ته سائنس ۽ روحانيت جو پاڻ ۾ ميلاپ هئڻ گهرجي. پوءِ انسان ذات جي ڪلڊي

نيلوءَ ڏي سنيهه پٽر

پيارا نيلو،

جئه دادا شيام! معاف ڪجُ توکي اڳئين دفعي خط ڪونہ پهچي سگهيو. دلجاءِ ڪر. آئينده توکي پوري وقت تي خط لکندس ۽ سڀ خبرچار هن ٻج پوءِ جي توکي ڏيندس. سڄ ٻج خط ۾ اُڏ گڏ جاڻي آهي.

نيلو، هت نہ موج ميلا لڳائي پيا آهن. ڪو ٻالڪ جنم وٺي، ڪنهن جو مڱڻو ٿئي، ڪا شادي ٿئي تہ ٻهراڻ هن پوڄ آستان تي اچي سر جهڪائي آسيس وٺن. هر مهني جي ٻئين ۽ چوٿين ڇنڇر تي روح رهاڻ ٿئي ٿي. هڪ دفعو سنڌيءَ ۾ ۽ ٻيو دفعو انگريزيءَ ۾. سنگت الائي ڪٿان ڪٿان اچي هن انوکي پروگرام جو آنند مائيندي آهي. انگريزي روح رهاڻ وقت انيڪ غير سنڌي ڀائر ڀينر حاضر هوندا آهن. ان عجيب نظاري جو ڪهڙو اکرن ۾ ورڻن

ڀڪتن کي اُپديش ڏنائين ، ٻين جي شيوا ڪمائين ، مڇين کي جيءَ دان ڏنائين . هڪ هڪ پراڻيءَ مانر ۾ ايشور جو روپ ڏنائين .

٥ آڪٽوبر سوامي راملنگم جو جنم دن

هن سنت جي سکيا ۾ هن ڳالهه تي زور ڏنل هو ته زندگي پوتر رکو ، وشيه ڀوڳ کان پري رهو ، سڀن سان مٺو ڳالهايو ۽ هر قسم جي بي رحميءَ کان پري رهو .

١٢ آڪٽوبر دسهرو

دسهرو آهي وجيه جو ڏينهن ، جڏهن ڏيهن ديوي شڪتين آسوري شڪتين تي جيت پائي . ڀارت هن وقت ڏکين حالتن مان لنگهي رهيو آهه ۽ هن وقت ڀارت کي گهرج آهي تياڳي پرشن جي ، جي پنهنجي سمست جيون ڏکي لوڪن جي شيوا ۾ خرچ ڪن !

پونا جي سنگت ۾ اچي. ٽپالو موڪليو ويو. يڪدم
انڪل ٢٥ ڄڻا پونا مان اچي صبوح جو اُتي پهتا.
ٻاڻا گارڊن ۾ مڙني روح رهاڻ ڪئي. ڪيڏي نه خوشي
سنگت کي ٿي ته دادا پاڻ ڪين پيغام موڪليو.

٥ آڪٽوبر خبر آئي ته پياري پيڻ گنگا سنگتاڻي
(ڪاشي ماءُ) پرلوڪ پڌاري. قرب ۽ سيوا جي
مورت هئي ڪيڏي نه. سنگت جي سيوا ڪيائين.
شري وشنداس هيرانندڻي، شانتي ڪلڪ جو اڪ
نماڻو سيوڪ، به هليو هليو. ڪلڪ، نهنو، نماڻو
هو. سندس آپرشن ٿيو. واهگروءَ جو انهن حڪم
پڙهيو، ٩ سيپٽمبر پرلوڪ پڌاريو.

١٠ آڪٽوبر پياري شانتي منگهمل ماکيجاڻيءَ
جو ٧٦ جنم ڏينهن هو. عجب پيڙ هيءَ! پيار ۽ محبت،
سيوا ۽ قربانيءَ جي مورت هيءَ! سندس پيڙ پارٿي
۽ پوڄيہ پتا ڪاڪا منگهمل، جي هن وقت پرلوڪ
۾ آهن، ڪين پياري دادا لاءِ عجب پيار ۽ شردا
ائي. ١٩٣٠ع ۾ پياري دادا کي پهرين وڏو شاهي

ڪريان؟ دادا جشن سنگت سان روح رهاڻ ڪري
پياسن جي منجهيل دلين کي دلداري ڏئي ٿو.

نيلو، آڪٽوبر ۾ گجرات، سوراشٽرا ۽ دهليءَ ۾
ياترا لئي ويٺا هئاسين. ليڪن اوچتو گجرات ۾ لوڪن
۾ اشانتي ڦهلجي وئي. انڪري اسان ياترا مهمل
ڪئي وئي. ان بدران دادا جشن ٿورا ڏينهن پونا والا
هليو. اُت ياتَ ليمڻ پدماڻيءَ هڪ سهڻو بنگلو ٺهرايو
آهه، جو پهاڙن جي گود ۾ آهه. ڇا ته عجيب
وايو منڊل آهه! چؤڌاري سانت ئي سانت! ڪيس
پياس ته من ڪڏهن مٽرو دادا جشن اچي اُت ڪي
گهڙيون گهاري ۽ دادا جشن ڪي ته پهاس. وري
وري ڪيس سانت لاءِ چڪ ٿئي. قدرت جي سنگ
لاءِ سڪ آئي. پيارو ياتَ چندرو ماڪيجاڻي دادا جشن
کي موٽر ۾ پونا والا وٺي هلندو آهه. ته ٿي ڏينهن رهي
دادا جشن واپس پونا ۾ موٽي ايندو آهه. اڳئين
دفعي اٽي هئاسين ته دادا هولچند ۽ دادي ساوتري
ته اچي پهتا. دادا جشن چيو ته بابا آيو آهه. پل

نئين اسپتال جا ڪوريگائو پارڪ ۾ ٺهي رهي آهي،
ان جي چارج ۾ آهي. مدرس پيار ۽ حليمائي
عجيب آهن!

نيلو، هاڻي پياري دادا جو جنم ڏن نزديڪ اچي
رهيو آهي. تياريون ٿي رهيون آهن. ان کان اڳي
ڏياري ۽ گرو نانڪ ديو جن جو جنم ڏن. نومبر مهينو
کهڙو نه سياڻو! شل نرمل دليون ڌاري اهي پوتر
ڏينهن ملهايون! ٢٥ نومبر، ويشنو ڏينهن، جو به ڪارڻ
زور شور سان هلي پيو. تون ضرور پنهنجين سهيلين،
مٽن مائٽن سان هت اچج. اچي روبرو لطف ماڻج.
وقت ڪٿي دفعي. تولاء پيار.

پيارن مان،
نرملا

مڪان ستسنگ لاءِ ڪيڏي ڏنائون. عجيب قرباني!
پنهنجو تن من ڌن سڀ قربان ڪيائون پياري دادل
شاه ڏاڻ. اِن مڪان ۾ ستسنگ جا سڀ ڪاريه
هلندا هئا. پياري شانتي ٻُوري نظر نه هوندي به،
ڪنن ڏـــ دکين دردن، مسڪين غريبن، بيمارن
جي سيوا ڪري پئي. سندس سڀاءُ پيارو آهي، ٻيو
ايشور جي آسري هلي پئي. ڪو سورداس، ڪو
دردر، ڪو لاچار انسان ڏسندي، اُن جي مدد
ڪندي. بيحد سادگيءَ ۾ رهي ٿي. ڪيس ڌنيواد!
سندس جيون آسان لاءِ اِڪ مثال آهي! شام جو
ڪوپارگا گروپ پاران شانتيءَ جو جنم ڏن ملهايو ويو.
ڪيس واڌايون ڏنيون ويون. ڪيڪ ڪٽيو ويو؛
پاڪٽ ڏني وئي.

١١ آڪٽوبر شري سيتل ميگهاڻيءَ جو جنم ڏن
هو. هن پاڻ جي جيون ۾ عجيب آهي. پنهنجا گهر
گهاٽ، نوڪري چاڪري ڇڏي، اَچي پياري دادا
جي در تي پاڻ اَرپڻ ڪيو اَٿس. وڏو اِنجنيئر آهي.

ڏيـاري

[دادا ڄشن]

اَڄ رات ڏياري، منو رام آيو:
اَچي اَن نِڌر کي آ! ڇاتيءَ ڇپايو!
نہ لائق هئس مان، پنهنجو ڪرم ڪمائون:
ورهين جا وڇوڙا، اِڪ لحظي لاٿائون!
سالن کان سيني ۾ ساندي هئل جي سوُر:
ڪن ۾ لاٿائون، نہ ڏٺائون قصوُر!
منهنجا ڏوهہ ڪيڏا، منهنجون ڏنگايون،
منهنجا پاپ گناهہ، منهنجون مدايون!
پنهنجي مهر ۾، سڀ ڪيائون سي معاف:
ڪريا جل سين ڌوئي، ڪيائون داڙي تہ صاف!
اَچي مون ڏٺائون، نوجيون جو دان:
ور ور وڃان شال تن تان مان قربان!
سواس سواس وٺي، متو نام اُچاريان:
نہ ڪجهہ ٻي ڪڇان، ڳلن ڳوڙها ڳاڙيان!
تيڙي سياڳي، آهي انجلي اپاٽي:
تن جي نہ در اچي سدا سا وڪاٽي!

MEATLESS DAY

NOV. 25

٢٥ نومبر

(ساڌو واسواڻيءَ جو جنم دن)

ويشنو ٿي رهندا.

Printed by Haresh G. Dodeja, Noble Enterprises,
686, Budhwar Peth, Pune 2 Phone : 34494
and Published by Pamo N. Manchandya.
5/20, Sadhu Vaswani Kunj, Pune 1, Phone:64174

ضروري سوچنا

هيءَ ڳالهه پاٺڪن جي ڌيان تي آڻجي ٿي ڳچ عرصي کان خبر ڪين پيئي آهه ته هيءَ چوپڙي پاٺڪن کي برابر پهچي ٿي يا نه. آئينده هيءَ چوپڙي هڪ سال لاءِ موڪلي ويندي اُنهن کي جي ڊسمبر مهني تا اُن کان اڳ اُهڙو اطلاع ڏيندا ۽ پنهنجي ائڊريس موڪليندا. پاٺڪن کي انڪري وينتي آهه ته ڪرپا ڪري ڊسمبر مهني کان اڳ پوسٽ ڪارڊ لکي هيٺئين پتي تي اَحوال ڏيندا ته هيءَ چوپڙي کين موڪلي وڃي. پوسٽ ڪارڊ ۾ پنهنجي ائڊريس پڻ ڄاڻائيندا.

Pamo N. Manchandya,
Editor "SANT SAHITYA",
5/20, Sadhu Vaswani Kunj,
3, Sadhu Vaswani Path, Pune-411001.

جن وٽان اَهڙو اَحوال ايندو، فقط اُنهن کي چوپڙي ١٩٨٧ سال لاءِ موڪلي ويندي.

دادا ماهوار پکيه - [١٩٨٦.١٠.٢٩]

Regd. No PNC — E/13